سنڌي ٻولي اٿارٽي، حيدرآباد
Sindhi Language Authority, Hyderabad

T.C.S

Ref: No.SLA/420/2011
Date: 24-05-2011

SPPRA INW/DIARY No. 8407 Dated 25/5 Sindh Public Procurement Regulatory Authority

ڊائريڪٽر انفرميشن (ائڊورٽائيزمينٽ)
سنڌ انفرميشن ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ
بلاڪ نمبر 96، سنڌ سيڪريٽريٽ نمبر IV_B
ڪورٽ روڊ، ڪراچي.

MD

موضوع: اشتهار جي ڇپائي

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي مختلف ڪتابن جي ڇپائيءَ ۽ جلدبنديءَ لاءِ ٽينڊر گهرائي رهي آهي. هي ٽينڊر ٽن مختلف اخبارن 'ڊان' ڪراچي، 'ڪاوش' حيدرآباد ۽ 'عوامي آواز' ڪراچيءَ جي 26_05_2011 واري اشاعت ۾ مشتهر ڪرائڻ لاءِ گذارش ڪجي ٿي. اشتهار جي سائيز ٽي ڪالم آهي. خط سان گڏ اشتهار جو تيار ٿيل متن شامل ڪجي ٿو.

اوهان جو پنهنجو

24/5/2011
(خالد آزاد)
ڊائريڪٽر
پبليڪيشن ۽ پراڊڪشن بيورو

ڪاپي اطلاع لاءِ:
ڊائريڪٽر (اي اينڊ ايف)
سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ ريگيوليٽري اٿارٽي
بلاڪ_8، سنڌ سيڪريٽريٽ نمبر 4_A
ڪورٽ روڊ، ڪراچي.
021_99205356_69

M(CB)

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY, NATIONAL HIGHWAY, HYDERABAD 71000 SINDH, PAKISTAN
Phone No. 022-9240050/53- Fax: 022-9240051
**E-mail:** sindhila@yahoo.com **Website:** www.sidhila.org

